سلسلہ نمبر 9

# غريبن جو غمخوار


پروفيسر ڈاڪٽر محمد مسعود احمد

ايم اي، پي ايچ ڊي

سنڌيڪار

حافظ سخي محمد مهراڻ



## شرڪت اسلاميہ

مُسلم منزل، حميد پوره ڪالوني نمبر ا، ميرپورخاص (سنڌ)

اسلامي جمهوريہ پاڪستان (1422ھ / 2001ع)

بسم الله الرحمن الرحيم

نحمده و نصلي ونسلم علي رسوله الڪريم

★

تاجدار دو عالم صلي الله عليه وسلم جن کي غريبن سان ڪيڏو نه پيار هو!!! الله الله!— سڄي جهان جي غريبن کي سيني سان لڳايائون، پاڻ غريبن جي زندگي اختيار فرمايائون— هاڻي غريب کان غريب انسان به اهو نٿو چئي سگهي ته "اوهان جي گهر ۾ سڀ ڪجهه آهي. منهنجي گهر ۾ ڪجهه ڪونهي"— الله اڪبر! سيني جا گهر ڀريل آهن، پاڻ سردارن جو گهر خالي آهي، سيني جي گهرن ۾ دنيا جون نعمتون آهن. پر پاڻ سڳورا نعمتون ورهائي رهيا آهن— نعمتون لٽائي رهيا آهن— عام دعوت آهي— سيئي ڊوڙندا اچي رهيا آهن— جهوليون ڀري ڀري ڪنيو پيا وڃن—

دنيا ۾ اميرن ۽ سرندي پڄندي وارن جي پڇا آهي— غريبن ۽ مسڪينن کي پڇندو به نه آهي— مگر پاڻ سونهارن صلي الله عليه وسلم جن جي دربار ۾ غريبن جي پڇا آهي— مسڪينن جي رسائي آهي— جن کي سڄي دنيا ڌڪيو ۽ ڌڪاري رهي آهي، اهي هن دربار ۾ نظر ايندا— الله اڪبر! وسائل وسائل مهاندا نظر اچي رهيا آهن ۽ چمڪندا ٻهڪندا وڃي رهيا آهن— ها! هن دربار ۾ غريبن جي وڏي پڇ آهي— اهي غريب:

— جن جي وسيلي سان اميرن کي نعمتون ملن ٿيون.

کان کارائي؟ پاڻ کارائي نٿي سگهي. ڪو بہ کارائي نہ ٿو ـــ بيوسي آهي ـــ!

★

اي مسڪينؤ! اي غريبؤ! ڏسو ڏسو! انهن ٻچڙن لاءِ امام احمد رضا جا آغوش ڪليل آهن ـــ پنهنجي محروم ٻارڙن کي هيڏانهن ونڻي اچو ـــ اهو ٻارن کي انهن جون دل واريون شيون کارائي رهيو آهي ـــ ها ان جو آقا ۽ موليٰ (صلي الله عليہ وسلم) بہ تہ ٻارن سان پيار ڪندو هو. اهو پنهنجي دارالعلوم منظر اسلام جي طالبن تي تمام گهڻو مهربان ۽ رحمدل هو ـــ خوشين جي مَوقعن تي عيد جي ڏينهن تي انهن جي لاءِ نوان نوان ڪپڙا سبائيندو ۽ قسمين قسمين جا طعام پچرائي کارائيندو هو.

ـــ عرب جي طالبن لاءِ عربي کاڌو

ـــ روسي طالبن جي لاءِ روسي کاڌو

ـــ بنگالي شاگردن لاءِ بنگالي کاڌو

ـــ بهاري طالبن جي لاءِ بهاري کاڌو

ـــ سرحدي طالبن جي لاءِ سرحدي کاڌو

ـــ سنڌي طالبن جي لاءِ سنڌي کاڌو

ـــ پنجابي طالبن جي لاءِ پنجابي کاڌو

الغرض جنهن طالب علم کي جيڪو کاڌو پسند هو. اهو پچرائي کارائيندو ۽ کارائي خوش ٿيندو هو. انگريزي مدرسن ۽ جامعات ۾ اسان شاگردن کي پنهنجو دشمن سمجهيو آهي. اهي اسان جا فرزند دلبند آهن پر انهن کي پنهنجي محبت ۽ شفقت کان اسان محروم ڪري ڇڏيو ـــ

—— غريبن مسڪينن کي چينبي چڙهون ڏيئي نہ ڪارايو وڃي.
—— ڪا بہ ڳالهہ سنت جي خلاف نہ هجي.
—— اسان وٽ وڏن وڏن شهرن (توڻي ٻهراڙي) ۾ ميت جي ڪاڌي مان غريب ۽ مسڪين ئي محروم رهندا آهن. سرندي پڄندي وارا ماڻهو سيئي ڪائي ويندا آهن—— بلڪ گهرايا ويندا آهن—— امام احمد رضا انهي بري رسم جي پاڙ پٽڻ فرمائي ۽ پنهنجي وصيت سان هڪ مري ويل سنت کي زنده ڪيو. جنهن غريبن جي حقن کي لتاڙي رکيو هو——
—— شايد انهي جي لاءِ پاڪ. هند ۽ عالم اسلام جي عالمن سڳورن کين مُجدّد تسليم ڪيو آهي.

★

امام احمد رضا غريبن جو حق غريبن کي ڏياريو ۽ سخت هدايت فرمائي تہ انهيءَ مان اميرن کي ڪجهہ بہ نہ ڏنو وڃي—— پوءِ وري فقيرن ۽ مسڪينن کي ڏيڻ وارا ڏيندا ئي آهن—— پر امام احمد رضا جن باوقار انداز سان ڏيارڻ چاهين ٿا. انهي انداز سان تہ ڏيڻ وارا نہ ڏيندا آهن—— امام احمد رضا جي زماني ۾ شريف گهراڻن ۾ فرش فروشن جو رواج هو. صاف سهڻا فرش لڳائي انهن تي گلم غاليچا سجائي گاوُ تڪيا رکيا ويندا هئا پر انهن فرش فروشن تائين ڪنهن غريب ۽ مسڪين جي رسائي نہ ٿيندي، انهن کي پري ئي رکيو ويندو هو. معمولي فرش تي ويهاري ڪارايو ويندو هو يا دروازي تي ئي ڏياري کين فارغ ڪيو ويندو هو—— غريبن جو ڪو بہ خاص اعزاز ۽ اڪرام نہ هوندو هو—— سيئي اعزاز ۽ اڪرام اميرن ۽ آفيسرن جي لاءِ مخصوص هئا. امام احمد رضا جي اکين اهو سڀ ڪجهہ ڏٺو هو. سندس دل ۾ غريبن جو درد هو. غريبن

جي لاءِ محبت هئي، غريبن جي لاءِ عزت هئي، انهي لاءِ وصيت ڪيائون تہ جڏهن غريبن ۽ مسڪينن کي ڪارايو تہ ڏسجو چينيي چڙهون ڏيئي نہ ڪارائجو. عزت ۽ احترام سان ڪارائجو. اهڙي طرح جهڙي طرح اميرن ۽ وزيرن کي ڪارائيندا آهيو—— انهن کي حقير ۽ ذليل نہ سمجهجو جو اهي ٻنهي جهانن جي والي محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جن جا پيارا آهن.

ڏورو غور فرمايو امام احمد رضا ڇا ٽا چاهين؟—— ڪمري ۾ صاف سهڻو فرش هجي. ان تي پاڪ صاف دسترخوان وڇايل هجي—— غريبن ۽ مسڪينن کي محبت ۽ خلوص سان پليڪار ڏني پئي وڃي—— هر هڪ جي مزاج پرسي ڪئي پئي وڃي ۽ ڪيس ويهاريو پيو وڃي—— پوءِ انهي دسترخوان تي غريبن جي لاءِ اهي نعمتون سجايون پيون وڃن. جيڪي انهن جي منهن تائين نہ پهتيون هجن. وهم ۽ خيال ۾ اچي رهجي ويون هجن—— امام احمد رضا غريبن جي لاءِ جيڪو دسترخوان سجايو آهي، ڏورو ان جو نظارو تہ ڪريو—— الله الله! ڪهڙيون ڪهڙيون نعمتون ڏيکاءُ ڏيئي رهيون آهن—— ڪنهن بہ پنهنجي دسترخوان تي غريبن جي لاءِ اهي نعمتون نہ رکيون هونديون ۽ وري هن تاڪيد سان خبردار ڪو بہ امير هن دسترخوان تي نہ اچڻ گهرجي—— دنيا تہ اهو ڏٺو آهي جو اهي ئي نعمتون اميرن جي دسترخوان تي سجايل هونديون آهن ۽ غريب ٽڪر ٽڪر ڏسندا آهن—— ڪجھ بچيو تہ ملي ويو ۽ نہ تہ صبر ۽ شڪر ڪيو—— پر جهان جي اڪ اهو نظارو نہ ڏٺو تہ ڪو غريبن جي لاءِ اميرانو ۽ شاهانو دسترخوان سجايو ويو هجي، جيڪڏهن نہ ڏٺو آهي تہ اچو! هي دسترخوان ڏسو جيڪو امام احمد رضا غريبن ۽ صرف غريبن لاءِ

سجايو آهي ـــــ الله اڪبر! ڪهڙيون نعمتون سجايل آهن ـــــ ٽورو ڏسو ته سهي ـــــ

ـــــ ڪسٽرڊ (کير ڄمايل)

ـــــ شامي ڪباب (ٻڪري جي گوشت جا)

ـــــ کيرٽي (ڇانور کير ۾ منا رڌل)

ـــــ انار جو پاڻي (ڏاڙهون نچوڙي ڪڍجي)

ـــــ مانيءِ اندر گوشت وجهي پچايو

ـــــ سيون اپ بوتل

ـــــ مَانهـِن جي دال فرائي بمعہ مصالحہ

ـــــ ادرڪ ۽ انجا لوازم

ـــــ مرغ برياني (ڪڪڙ پڳل)

ـــــ اڦراٽا ۽ کير جي ملائي (ٿَرَ)

ـــــ صوف جو پاڻي

ـــــ کير فِرج ۾ ڄمايل

هاڻو امام احمد رضا غريبن جي لاءِ دسترخوان سجايو آهي ـــــ

غريب گڏ ٿيا آهن ـــــ مزا وٺي ڪري کائي رهيا آهن. جان ۽ دل سان دعائون ڏيئي رهيا آهن ۽ پاڻ ۾ گفتگو ڪندي چئي رهيا آهن ـــــ

ـــــ اي احمد رضا! تو اسان غريبن جي ڪيڏي عزت افزائي فرمائي آهي. آخرت ۾ خدا تو کي به اهڙي عزت عطا فرمائي ـــــ!

ـــــ اي احمد رضا! تو اسان غريبن کي ڪهڙا نه مزيدار کاڌا کارايئي، خدا توکي به جنت ۾ مزيدار کاڌا کارائي ـــــ!

جيڪي ڪجهہ لکيائون، اهو قابل توجہ آهي—— پاڻ لکيائون: "عزيزن کان جيڪڏهن ٿي سگهي تہ فاتحہ ۾ هفتي ۾ ٻہ ٽي ڀيرا انهن شين مان بہ ڪجهہ موڪلي ڏجو".

پوءِ جڏهن کاڌن جي فهرست لکائي چڪا تڏهن لکيائون——

"جيڪڏهن روزانہ هڪڙي شيءِ نہ ٿي سگهي" ائين ڪريو يا جيئن مناسب ڄاڻو—— پر اوهان جي مرضي، منهنجي لکڻ تي مجبوراٿو نہ ٿئي".

وصيت نامي جي انهن الفاظن مان امام احمد رضا جي دلي ڪيفيت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو—— هڪ طرف تہ دل جي تقاضا تہ غريبن کي خوب کارايو، ٻئي پاسي هي وهم، نہ ڄاڻان ڪارائڻ وارا اهي شيون دل سان کارائيندا بہ يا نہ. جو غريبن جي لاءِ اهي شيون مهيا نہ ٿيون ڪيون وڃن—— وري هي انديشو تہ جيڪڏهن کارائيندا تہ اعزاز يا اڪرام سان ويهاري کارائيندا يا نہ—— غريبن جي لاءِ اها دل ڪٿان کان آڻيندا جيڪا امام احمد رضا جي سيني ۾ آهي؟—— دل جي ڳالهہ لکائي رهيا آهن. پر رڪجي رڪجي، ٻيهي ٻيهي—— سڄو هفتو ڪٿي نہ، هفتي ۾ ٻہ ٽي ڀيرا ئي سهي، سڀئي نعمتون نہ سهي—— روزانہ هڪ بہ ئي سهي—— وري خيال آيو ڪٿي اهي هڪ بہ بہ انهي جي لاءِ نہ کارايون وڃن جو احمد رضا وصيت ڪئي آهي—— انهي لاءِ صاف صاف لکايائون تہ جيڪو کارائي، دل سان کارائي، مجبور ٿي ڪري نہ کارائي—— دربار الاهي ۾ تہ اخلاص عمل جي پڇا آهي اهو ناهي تہ ڪجهہ بہ نہ آهي.

★

دنيا کي اهو چڱو نٿو لڳي ته غريبن ۽ مسڪينن کي منهن لڳايو وڃي ـــ عزت سان ويهاريا وڃن. سندن خاطر داري ڪئي وڃي. ڪين قسم قسم جا لذيذ کاڌا کارايا وڃن ـــ جيڪي ماڻهو بصيرت کان محروم هئا ـــ جن جي ذهن ۾ وڏائي جي بوءِ پريل هئي ـــ جن جي دماغ ۾ آڪڙ ۽ غرور جو سودو هو. جيڪي غريب پروري ۽ غمخواري جي معنيٰ کان عاري هئا ـــ اهي امام احمد رضا جو منهن تڪڻ لڳا ـــ ڏسي ڏسي کلڻ لڳا. مسخريون ڪرڻ ۽ مذاق اڏائڻ لڳا. ٺهڪ ڏيڻ لڳا ته هي انسان آهي يا ڪو ديوانو. جيڪو موت جي بستري تي ليٽيو غريبن کي ياد ڪري رهيو آهي ـــ غريبن مسڪينن کي جي لاءِ هن پڇاڙي وصيت ڪري رهيو آهي ـــ هائو اهل علم جو فڪر ۽ خيال جو انهي پستي ۾ هليو وڃڻ هڪڙو قومي الميو آهي. جنهن تي جيترو ماتم ڪجي گهٽ آهي. ها ـــ

سُن اي غارت گرِ جنسِ وفا سُن
شڪستِ شيشۀ دل کي صدا کيا؟

انهن جي عقل امام احمد رضا جي دلي درد جي ٽيس محسوس نه ڪئي. انهن جي احساس مسڪينن جي لاءِ امام احمد رضا جي روح جي تڙپ محسوس نه ڪئي ـــ ته پوءِ اهي امام احمد رضا جي دل جي گهراين تائين ڪهڙي طرح پهچن. غريبن ۽ مسڪينن جي لاءِ امام احمد رضا جي پريشاني ۽ بيچيني کي ڪيئن ڪري سمجهن ـــ انهن ڪجهه به نه سمجهيو ـــ افسوس اهي سيني ۾ دل رکندڙ هجن ها ـــ افسوس اهي دل ۾ درد رکندڙ هجن ها.

★

جڏهن امام احمد رضا وصيت لکائي چڪا تڏهن خود دستخط فرمايائون ۽ گڏئي هي الفاظ بہ تحرير فرمايا: —— بقلم خود بحالت صحت حواس والله شهيد ولہ الحمد و صلي الله تعاليٰ وبارڪ وسلم.

وصل (ميلاپ) جي گهڙي ويجهي اچي رهي آهي—— عزيزن تي ڇا گذرندو هوندو—— احبابن تي ڇا وهي واپري رهيو هوندو—— عقيدتمندن جو ڪهڙو حال هوندو؟ —— هي شعر هر هڪ دل جو آواز بنجي ويو هوندو.

يون نہ پرده کرو خدا کي لئي
ديکهو دنيا تباه هوتي هي

—— الله اڪبر! وصال تائين سيئي ڪم گهڙي ڏسي نيڪ وقت ارشاد ٿيندا رهيا—— ڇا انهي شان سان وڃڻ ڪنهن ڏنو آهي؟—— جڏهن ٻہ ٽيڻ ۾ چار منٽ باقي هئا. وقت پڇيائون—— عرض ڪيو ويو—— فرمايائون: "گهڙي ڪليل سامهون رکي ڇڏيو"—— الله الله! ائين معلوم پيو ٿئي تہ غلام الغيوب وقت ٻڌائي ڇڏيو هو. بيشڪ انهي جي عطا سان اهو علم بہ ملي ويندو آهي. جنهن کي انهي صرف ۽ صرف پنهنجي خزاني ۾ محفوظ رکيو آهي—— وڏو صاحبزادو مولانا محمد حامد رضا خان خدمت اقدس ۾ حاضر ٿيو—— فرمايائون: "وضو ڪري اچ، قرآن عظيم ڪڻي اچ"—— اجا هو نہ آيو تہ ننڍو صاحبزادو مفتي احمد مصطفيٰ رضا خان حاضر ٿيو—— فرمايائون ويٺا ڇا ڪري رهيا آهيو. سوره ياسين شريف ۽ رعد شريف تلاوت ڪريو. تلاوت ٿي رهي آهي.

ٿي—— روح توکي سلام ڪري ٿو—— مظلومن جون آهون توکي سلام ڪن ٿيون—— غريبن جون فريادون توکي سلام ڪن ٿيون. ماه تابان تو کي سلام ڪري ٿو—— مهر درخشان تو کي سلام ڪري ٿو. ابرياران تو کي سلام ڪري ٿو—— ڪارا ۽ ڳورا تو کي سلام ڪن ٿا—— فڪر ۽ شعور تو کي سلام ڪن ٿا—— هائو!——

—— تون عاشق مصطفيٰ صلي الله تعاليٰ عليه وسلم آهين ——

—— تون دلدار مجتبيٰ صلي الله تعاليٰ عليه وسلم آهين ——

—— تون محبوب مرتضيٰ ڪرم الله تعاليٰ وجه الڪريم آهين ——

—— تون نائبِ غوث الوريٰ رضي الله تعاليٰ عنه آهين ——

توتي سلام —————— . —————— هزار ڀيرا سلام

13 جمادي الثاني 1410هه — احقر مسعود احمد عفي عنه

11 جنوري 1990ع